پروفيسر محمد سليم ميمڻ

# ڪاڪو ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي
# (سنڌي ادب جو هڪ وساريل ورق)

***Abstract:***

**Bheroomal Mehrchand Advani – A legend of Sindh**

*Bheromal Mehrchand Advani was a linguistic, writer, poet, critic, scholar, historian and an expert of designing curriculum for school going children. He wrote more than fifty books in various diversified fields. In the early 20th century when Sindhi medium schools were established under the British reign, the designing of books or curriculum was seen as one of the major problems. It was primarily because within Sindh, prior to such schools only madarsah schools were imparting education in arabic & persian languages. Behromal made an important role in designing text books, and composed nursery rhymes etc. for children of various classes. He also translated rhymes from other languages to overcome the shortage in Sindhi language. He also authored a theory regarding the origin of Sindhi language. His research on history of Sindh is also a remarkable contribution. He was a good translator and translated many fiction books (including dramas and novels) from english, hindi and bengali languages to fill the gap in Sindhi language. This paper is a detailed critical study of Behromal's contributions to the sindhi language and literature.*

**ڪاڪو** ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي، سنڌي ادب جي انهن معمارن مان آهي، جنهن ٻين عالمن سان گڏ سنڌي ادب جي پيڙهه رکي پوءِ ان پيڙهه تي اڏجندڙ عمارت جي هڪ هڪ سِرِ ۾ پنهنجو رت ست ڏئي اوساري ڪئي آهي.

هڪ ڪاٿي موجب ڪاڪي ڀيرو مل مختلف موضوعن تي پنجاهه کن ڪتاب لکيا. انهن ۾ سندس طبعزاد ڪتاب توڙي ترجمو ٿيل ڪتاب شامل آهن. هو نه فقط شاعر، اديب ۽ عالم هو، پر هن تحقيق جهڙي اهم شعبي ۾ به پنهنجو وارو وڄايو، سنڌي ٻوليءَ ۾ عملي تحقيق جو پايو وڌو.





ڀيرو مل مهرچند جو جنم ۱۸۶۵ع ڌاري حيدرآباد سنڌ ۾ آڏواڻي خاندان ۾ ديوان مهرچند آئل مل جي گهر ۾ ٿيو. اهو هڪ وڏو تضاد چئبو جو اُهو شخص، جنهن سڄي عمر جاکوڙ ڪري، نور نچوئي، پنهنجي وطن جي جاتيءَ جي ٻولي جي ۽ جدا جدا ماڻهن جي آکهين ۽ ذاتين بابت ڪتان ڪتان هزارين سالن جا احوال هٿ ڪري، انهن بابت وڏيون وڏيون تاريخون ويهي جوڙيون، پر ان شخص بابت اسان وٽ گهٽ احوال ميسر ڪونهي. سندس همعصرن مان ڪنهن به سندس زندگيءَ ۽ شخصيت تي تفصيلي طرح ته ڇا ڪا بنيادي معلومات به قلمبند نه ڪئي آهي. ٻيو ته ڇڏيو، پر ڪٿي به سندس جنم جي مڪمل تاريخ به ڄاڻايل ڪانهي. اتي ايمرسن جو اهو قول بالڪل سچو لڳي ٿو ته: "مهان پرتيا شالي پرشن جون جيونيون (سوانح حيات) تمام مختصر ٿين ٿيون. سندن ويجها مائٽ سندن بابت اوهان کي ڪجهه ٻڌائي نه سگهندا. اُهي پنهنجي رچنائن ۾ زنده رهيا آهن، ان ڪري سندن گهرو ۽ گهٽي گهٽڻ واري زندگي معمولي ۽ عام رواجي رهي آهي."(۱)

جڏهن ته ڊاڪٽر غلام علي الانا، سنڌي نثر جي تاريخ ۾ ڄاڻايو آهي ته: "سنڌي زبان جو هي سچو سڄڻ ۱۸۷۶ع ڌاري حيدرآباد ۾ ڄائو. ننڍي هوندي کان وني ڪيس علم ۽ ادب سان گهڻو چاهه هوندو هو. ويهن ورهين جي عمر ۾ ۱۸۹۶ع ۾ ايڪسائيز کاتي ۾ ملازمت شروع ڪيائين ۽ نيٺ انسپيڪٽر جي عهدي تان ريٽائر ڪيائين. ۱۹۵۳ع ۾ هندستان ۾ سندس وفات ٿي."(۲)

حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته ڪاڪو ڀيرومل جيڪو هڪ پڙهيل ڳڙهيل شخص ۽ عالم هو، ان جي ڄم جي تاريخ جو ريڪارڊ اسان کي نٿو ملي سگهي، جڏهن ته پاڻ ۱۹۵۳ع ۾ وفات ڪيائين. آبڪاري کاتي کان سواءِ پاڻ ڊي. جي ڪاليج ۾ ڊاڪٽر علامه عمر بن دائود پوٽي جي پي. ايچ. ڊيءَ لاءِ پرڏيهه وڃڻ واري عرصي ۾ سندس جاءِ تي سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ سنڌي شاگردن ۾ سنڌي پڙهڻ لاءِ زبردست اتساهه پيدا ڪيائين.

ڀيرو مل پاڻ پنهنجي ڪتاب 'سنڌي هندن جي تاريخ' ڀاڱو پهريون ۾، پنهنجي زندگيءَ جو مختصر احوال درج ڪيو آهي، سو ئي واحد مستند لکت ۾ ماخذ آهي، جنهن مان سندس زندگي ۽ شخصيت جي ڪن پهلوئن بابت ڄاڻ ملي ٿي ۽ ڀيرو مل تي لکندڙن گهڻو تڻو ان احوال تي ئي ياڙيو آهي.

پيرو مل مهرچند ’سنڌي هندن جي تاريخ‘ ڀاڱو پهريون ۾ پاڻ بابت هن ريت لکيو آهي: ”۹٦-۱۸۹۵ع ۾ ويهن ورهين جي ڄمار ۾ مان سالٽ (لوڻ) لاءِ ايڪسائيز کاتي ۾ پنجويهن روپين تي مقرر ٿيس.“(۳)

مٿئين حوالي مان اهو سمجهي سگهجي ٿو ته پيرو مل جو جنم ۱۸۷۵ع ۾ ڪنهن وقت ٿيو. سندس لکڻ موجب سندس ڏاڏو ديوان آٽلمل آصومل مختيارڪار هو ۽ سندس والد ديوان مهرچند آٽلمل سيٽلمينٽ کاتي ۾ هيڊ منشي هو، جتان ۱۸۸۸ع ۾ ريٽائر ڪيائين. پيرو مل هڪ نيڪ خيال ۽ آدرشي ڪٽنب ۾ پيدا ٿيو: پليو ۽ نپنو. سندس والد ديوان مهرچند هڪ پڙهيل ڳڙهيل نيڪ دل ۽ خدا ترس شخص هو. چاليهه روپيا ماهوار پگهار تي هيڊ منشي هو. ريٽائر ٿيڻ تي کيس ويهه روپيا پينشن ملندي هئي، اڳتي هلي هڪ انگريز عملدار گلبرٽ ڪوپريج کيس هڪ سو ايڪڙ زمين انعام طور ڏني.“(۴)

سندس وفات بابت به متضاد تاريخون ملن ٿيون. ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ڪتاب ’سنڌي نثر جي تاريخ‘ ۾ سندس وفات جو سال ۱۹۵۳ع ڄاڻايو آهي، جڏهن ته هيري ٺڪر، پيرو مل جي شخصيت تي لکيل پنهنجي ڪتاب ’پيرو مل مهرچند‘ ۾ سندس وفات جو سال ۱۹۵۰ع ڄاڻايو آهي. سندس وفات به هڪ افسوسناڪ حادثي جي نتيجي ۾ ٿي.

هيري ٺڪر لکيو آهي: ”ٽين جولاءِ ۱۹۵۰ع جي ڏينهن شام جي وقت ڪاڪو پيرو مل سئر لاءِ ٻاهر نڪتو هو، جو شواجي نگر ريلوي ڦاٽڪ وٽ واٽ ويندي کيس هڪ ٽانگي ٽڪر هنيو، جنهن سبب هو ڪري پيو ۽ سخت زخمي ٿي پيو. ترت ئي کيس پوني جي ساسون اسپتال ۾ داخل ڪرايائون. گوڏن وٽ فريڪچر ٿي پيو هو، جنهن ڪري پلاسٽر وغيره چاڙهيائونس. جلد اسپتال مان ڊسچارج ڪيو ويو ۽ کيس گهر وٺي آيا. اتي کيس پلاسٽر چيڀڙ لڳو. گهر وارن ڪي چئي پلاسٽر لهرايائين، پر ان کان پوءِ گهڻو وقت زنده رهي نه سگهيو، آخر ستين جولاءِ ۱۹۵۰ع تي ديهانت ڪيائين.“(۵)

پيرو مل مهرچند پنهنجي دؤر جو بهترين عالم، اديب، محقق، شاعر، ناول نگار، تاريخدان هو، جنهن ادب جي ذري گهٽ سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي. سندس به ناول ’آنند سندريڪا‘ ۽ ’موهني ٻائي‘ ڇپيل آهن، جيڪي سنڌي ۾ اصلوڪي ناولن جي شروعاتي ڪوشش ۾ ليکجن ٿا. انهن ناولن وسيلي هن سماجي





برائين تان پردو کڻي، آدرشي ۽ مثالي شخصيتن ڪي اڀاري، سماج ۾ سڌارا آڻڻ لاءِ مثال قائم ڪرڻ هو. ساڳئي مقصد سان هن ڪجهه ناٽڪ به لکيا، جن ۾ سماجي برائين ڏانهن عوام جو ڌيان ڇڪائڻ هو، پاڻ عام ماڻهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ سان گڏوگڏ تخليقي اظهار وسيلي سماجي سڌاري آڻڻ جو خواهشمند هو. هن نه فقط سماجي ۽ تاريخي موضوعن ڪي پنهنجي تخليقن ۾ پيش ڪيو، پر جاسوسي موضوعن تي به طبع آزمائي ڪئي ۽ ’وريل ۽ نعمت‘ جهڙا يادگار جاسوسي ناول لکيا. جيڪي پڙهندڙن ۾ گهڻا مقبول ٿيا ۽ انهن جا ڪيترائي ڇاپا ڇپبا رهيا.

پيرو مل، ٻاراڻي ادب لاءِ جيڪو مثالي ڪم ڪيو، ان ڪي سنڌي ادب ۾ بنيادي حيثيت حاصل آهي. ان دؤر ۾ سنڌي ميڊيم اسڪولن جو بنياد تازو ئي پيو هو، تنهن ڪري ٻارن لاءِ سولي سلوڻي سنڌيءَ ۾ نصابي ڪتابن جي تياري هڪ بنيادي مرحلو هو. نثر توڙي نظم ۾ وندرائيندڙ ۽ سکيا مهيا ڪندڙ سبقن ۽ نظمن وغيره لکڻ جي سخت گهرج هئي. پيرو مل ان گهرج ڪي آڏو رکندي، ٻارن لاءِ ڪيترائي دلچسپ، وڻندڙ ۽ سکيا ڏيندڙ سبق ۽ نظم تيار ڪيا. هن نه فقط پاڻ اهي سبق ۽ نظم لکيا، پر انگريزي، هندي، اردو ۽ ٻين ٻولين مان معياري مواد ٺيٺ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ان کوٽ ڪي پورو ڪيو.

اسڪولي ٻارن ۾ ننڍپڻ کان ئي شاعريءَ جو شوق ۽ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ هن جيڪا لافاني شاعري ڪئي، تنهن جو مثال ملڻ محال آهي. ماءُ جي ممتا جي حوالي سان سندس هيٺيون نظم ڏسو:

ڪنهن ٿي مون ڪي ڪير پيارو،
پيار منجهان ٿي گود ويهاريو،
خوش ٿي هر هر مون ڏي نهاريو،
منهنجي امڙ منهنجي امڙ.

مٿيون نظم جن ننڍي هوندي پڙهيو هوندو، سي اڄ به ان ڪي وساري نه سگهيا هوندا.

ساڳيءَ ريت هڪ ٻيو نظم وقت چوي آئون بادشاه:

شاهاڻي شاهن جان، پهريان نه پوشاڪ،
تلي آئون تيلي تي، ويهي نه ڪڏان واڪ،

شاهه شهنشاهه، جن جي هر هنڌ پڄهي هاڪ،
چٽي ويندڻ چاڪ پاٺي پوندا پيش مون.
هنڌين ماڳين منهنجو، ڦري ٿو فرمان،
ڏاڍو مون کان ڪونه ڪو، آهي ڪو انسان،
تابع مون اصل ڪان، سارو هي جهان،
ڇا پوڙهو ڇا جوان، پاٺي پوندا پيش مون.

مٿئين نظم ۾ پيرو مل، ٻارن ڪي وقت جي اهميت ۽ افاديت بابت سهٽن ۽ سولن لفظن ۾ ٻڌائيندي ڪين احساس ڏياريو آهي. هي انهن انمول نظمن مان هڪ آهي، جنهن ڪي هڪ دفعي چڱيءَ ريت پڙهبو ته ان ڪي وساري نٿو سگهجي. اهڙيءَ ريت ٻارن لاءِ چيل سندس سڀ نظم سنڌي ادب ۾ انفرادي حيثيت رکن ٿا.

لاباري بابت هڪ نظم اٿس:

اِجهو اَسوءَ جو مهينو آيو،
لاباري جو ٿيو آهي سعيو.

ماڪيءَ جي مک يا ٻيا ڪيترائي سندس نظم مشهور ٿيا هئا.

ويهين صديءَ ۾ جن تعليم پرائي، تن مختلف ڪلاسن ۾ پيرو مل جا بيت پڙهيا هوندا، جيڪي پڙهندڙن جي دل ۽ دماغ ۾ سمائجي ويندڙ آهن ۽ انهن ڪي وسارڻ ڏکيو ڪم آهي.

پيرو مل جي ٻاراڻن نظمن جو مجموعو آگسٽ ١٩٢٦ع ۾ 'نوبهار' جي نالي سان ڇپيو، جنهن ڪي تعليم کاتي نصاب ۾ شامل ڪيو. مارچ ١٩٤١ع تائين ان ڪتاب جا پنج ڇاپا ڇپيا. پاڻ ڪتاب جي منڍ ۾ لکيو اٿس:

"انگريزيءَ ۾ ڪيترائي نظم جا ڪتاب آهن، جن ۾ جدا جدا شاعرن جا، جدا جدا مضمونن بابت عمدا شعر آهن، جي شاگردن ڪي پاڙهڻ ۾ اچن ٿا. سنڌ ۾ اهڙي قسم جا ڪتاب اڃا اسڪولن ۾ چالو نه ٿيا آهن، جو انهن جي اڻاٺ آهي. اهڙي حالت ۾ مون هي ننڍڙو رسالو تيار ڪيو آهي، جنهن ۾ ٿورا بيت انگريزي مان ترجمو ڪري ۽ ٿورا پنهنجي خيال مان ناهي وڌا اٿم. انگريزي چوٿين درجي کان وٺي ڇهين درجي تائين شاگردن ڪي ڪل پنج سو سٺون پڙهٽيون آهن. ٻولي ٻه هر هڪ درجي ڪي مدنظر رکندي ڪم آندي اٿم، يعني پهريان سولا بيت ۽ جيئن پوءِ تيئن ڏکيا بيت وڌا اٿم ته پل





جيئن شاگرد مٿين درجن ۾ وڃي، تيئن پنهنجي مادري ٻولي جو مايو وڌائيندو هلي."(٦)

شاعريءَ جي مجموعي 'نوبهار' ۾ ڪل ١٨ نظم ڏنل آهن، جن مان ٽي نظم 'ڏٽي جي وڏائي' فرمان علي جو، ۽ 'ڪوڏر' مرزا قليچ بيگ جا آهن، جڏهن ته باقي ١٥ نظمن مان ڪي ڪاڪي پيرومل جا لکيل آهن ۽ ڪجهه ترجمو ٿيل آهن.

جيتوڻيڪ ڪاڪي پيرو مل جي شخصيت نثر نگار ۽ محقق جي حيثيت ۾ وڏيڪ ماناٽتي ۽ اهميت رکندڙ آهي، پر هن شاعريءَ ۾ به پاڻ ڪي ملهايو آهي. منجهس مشاهدي جي قوت ۽ تخيل جي اڏام به اعليٰ درجي جي هئي. هو هڪ حساس دل جو مالڪ هو، 'غريب' جي تخلص سان شاعري ڪندو هو. سندس شاعريءَ ۾ ڪجهه پنهنجي طبعزاد ۽ ڪجهه ٻين ٻولين مان ترجمو ڪري ان ڪي سنڌي شاعراڻي قالب ۾ گهڙي ترجمو ڪيو اٿس.

پيرو مل جا اصل شعر گهڻو تڻو واقعاتي آهن. سماج ۾ ٿيندڙ ناانصافين ۽ زيادتين ڪري سندس اندر جا اڌما اٿل ڪائيندا هئا ۽ انهن واقعن ڪي شاعريءَ جو روپ ڏيندو هو. ڪراچيءَ ويجهو 'بابا ڀٽ' کان وٺي 'ماريپور' لوڻ کاڻ تائين جيڪا کاري هئي، تنهن ڪي 'نئي نارا' سڏيندا هئا. ١٩٢٠ع ۾ جڏهن پاڻ آبڪاري کاتي ۾ ملازم هو ۽ لوڻ جي کاڻين جي محصولن جي نظرداري لاءِ ماريپور ۾ رهندو هو ته هڪ ڏينهن زوردار سامونڊي طوفان لڳڻ ڪري 'نئي نارا' جو پاڻي اٿلي پيو ۽ ماريپور تائين پهچي ويو، جڏهن سمنڊ جي پاڻيءَ جي اٿل جو نظارو ڏٺائين ته ان تي امالڪ سندس اندر مان اُڌمو هيٺين نظم جي صورت ۾ نڪتو:

نئن نارا ۾ نئي پيو، دم نه دميائين،
مانڌان پٽ مواڄ جو، پير پريائين،
جتي جر نه اڳي اچٽو، اتي غضب ڪيائين،
لوڻ سڀ لوڙهيائين، اڊائي لک مڻ چٽ ٿيا.

ان دؤر ۾ ڪيميائي لوڻ جيڪو اڄ ڪلهه عام طور تي دڪانن تي ملن ٿا، سو ايجاد نه ٿيو. ماريپور جي سڄي علائقي ۾ سامونڊي پاڻي کڏن ۾ گڏ ڪري، ان ڪي سڪائي لوڻ حاصل ڪيو ويندو هو. اڊائي لک مڻ لوڻ جيڪو ماريپور جي سامونڊي پٽن تي گڏ ٿيل هو، تنهن جي لڙهي وڃڻ جو ڪيس گهڻو افسوس ٿيو ۽ مٿيون شعر چيائين.

هڪ دفعي هڪ ڪنيو پکيءَ کي سنهي مڇي کائيندي ڏٺائين، پرپرو کو ڏوئل پکڻ اهڙيءَ طرح ويٺي هئي، جڻ ڪنيوءَ کي کائيندو ڏسي ڪيس حسد پئي ٿيو ۽ وير ڏي پئي واجهايائين. ان صورتحال جي عڪاسي پنهنجي شاعريءَ ۾ هن ريت ڪئي اٿس:

ڪنيو ڪاري نير تي ڦري ڦيريدار،
مٿان ڏسي مهراڻ ۾ ڪتي کو شڪار،
اُلهي اچي اوچتو تر تون ترت طمعدار،
ڦيرائي ڦهيار، چاتيو وڃي چنج ۾.

پيرو مل جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو ’گلزار نظم‘ جي نالي سان ۱۹۰۹ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. جڏهن ته ۱۹۲۳ع ۾ ’چونڊ نظم‘ جي نالي سان ٻيو مجموعو ڇپجي پڌرو ٿيو. سندس شاعريءَ جو اسلوب سادو، دلڪش، وڻندڙ ۽ اثرائتو رهيو آهي. سندس شاعريءَ تي ڪلاسيڪي شاعريءَ واري پراڻي لهجي جو اثر هيٺ سان گڏوگڏ سندس شعر جو گهاڙيٽو به بيتن، دوهن ۽ سورٺن وارو آهي. ’جوهر نظم‘ جي عنوان سان سندس ڪتاب ۾ اهم شاعرن، جن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، شاهه ڪريم، سچل سرمست ۽ خليفي گل محمد جي ڪلام مان چونڊ شعر، انهن جي زندگيءَ جو احوال، شاعريءَ ۾ آيل نيم تاريخي قصن ۽ ڏکين لفظن جي سمجهاڻي به ڏنل آهي.

ڪاڪي پيرو مل پنهنجي دؤر ۾ ٻين گهڻن اديبن جيان ادب جي ڪيترن ئي صنفن تي طبع آزمائي ڪئي، پر تحقيق ۽ تاريخ جي ڪيتر ۾ ڪيس نمايان حيثيت حاصل هئي. مرزا قليچ بيگ کان پوءِ مختلف ميدانن ۾ هن سڀ کان وڌيڪ ادبي پورهيو ڪيو. هن تاريخ تي جيڪا ڪوجنا ڪندي سنڌي ٻوليءَ کي ڪيترائي اهم ڪتاب ارپيا. انهن ڪتابن ۾ ’قديم سنڌ‘ جيڪو هن عمر جي پڇاڙڪن سالن ۾ لکيو. هن ڪتاب جي تياريءَ ۾ سالن جا سال نور نچوئي، جفا ڪشي ڪري، دنيا جي مختلف ٻولين جي ڪتابن جو اڀياس ڪري، هي ڪتاب جوڙيائين. هڪ رٿا موجب اهو ڪتاب ٽن جلدن ۾ شايع ٿيڻو هو ۽ ان لاءِ گهربل مواد به گڏ ڪيو هئائين، پر بدقسمتيءَ سان ان جو فقط هڪ جلد تيار ڪري ڇپرائي سگهيو ۽ باقي جلد ورهاڱي سبب مواد جي ضايع ٿي وڃڻ سبب ڇپجي نه سگهيا. قديم سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ پاران پهريون ڀيرو ۱۹۵۷ع ۾ شايع ٿيو، ۽ ان جا ڪيترائي ڇاپا اچي چڪا آهن.

’قديم سنڌ‘ جي مهاڳ ۾ پاڻ لکي ٿو: ”ڪنهن به تاريخ ۾ جيڪڏهن رڳو





سنبت ۽ سن ڄاڻائي، آڳاٽن حاڪمن جا پيڙهيءَ به پيڙهيءَ احوال ڏيا، ۽ سندين جنگين جو ذڪر ڪبو ته اها ڪا تاريخ نه چئبي. اهڙيون حقيقتون تاريخ جو رڳو بوتو بنائين ٿيون. انهيءَ بوتي ۾ روح تڏهن پوي ٿو، جڏهن ان وقت جي ماڻهن جي روزمره جي جيوت جو ذڪر ڪجي ٿو. سچي پچي تاريخ آهي ئي اها، جنهن مان آڳاٽن ماڻهن جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ خيالن ۽ جذبن، ريتن رسمن، ڌرم ڪرم ۽ ساهت جي سڌ پوي ٿي. انهيءَ منجهان ئي پوريءَ ريت پتو پوي ٿو ته تهذيب سان سيپتا جي شروعات ڪيئن ٿي، وقت بوقت ان جي ترقي ڪيئن ٿي، ۽ هن وقت جيڪي ريتون رسمون ۽ ڌرمي ڳالهيون آهن، تن جو بنياد ڪيئن پيو. هڪواريءَ اها سربستي سڌ پوندي، ته پوءِ اهو سمجهڻ سولو ٿيندو ته آڳاٽن ماڻهن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون خوبيون هيون، جي اسان کي به گرهڻ ڪرڻ گهرجن، ۽ ڪهڙيون ڪهڙيون منجهن خاميون هيون، جن کان اسان کي پاسو ڪرڻ گهرجي. قديم زماني جي تاريخ پڙهڻ جي هڪ مکيه مراد آهي ئي اها ته آڳاٽن ماڻهن جي آزمودي جو فائدو وٺي، اسين پنهنجي لاءِ اهڙي واٽ گهڙيون، جو اڳين کان اڳرا ٿيون ۽ پنهنجن پوين لاءِ به مثال ٿيون. اهڙين حقيقتن ڏيڻ ڪري، نه رڳو تاريخ جو مضمون پاٽمرادو سلوڻو ۽ سوادي ٿئي ٿو؛ پر نهايت نصيحت آميز ۽ ڪارائتو به ٿئي ٿو. انهيءَ سبب هن تاريخ جوڙڻ ۾ مون مدد رڳو انهن ڪتابن تان ورتي آهي، جي بنهه پروسي جهڙا آهن، ۽ سَند ڪري ليکجن ٿا. ضروري هندن تي اهي سَندون به ڄاڻايون اٿم ته پڙهندڙن کي سڌ پوي ته اهي ڳالهيون مون ڪهڙن ڪتابن ۽ مخزنن مان ڪڍيون آهن؛ ۽ جي مرضي پوين ته پلي اهي مخزنون ۽ اصلوڪا ڪتاب پاڻ به پڙهن. جو مون ڪيترن ڪتابن جو رڳو تَتُ هن تاريخ ۾ ڏنو آهي - گويا درياهه ليٽائي لوٽيءَ ۾ وڌو اٿم.“[۶]

’سنڌ جي هندن جي تاريخ‘ (ٻه ڀاڱا)، هي ڪتاب پيرو مل مهرچند جو هڪ ٻيو اهم تاريخي ڪم آهي. ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي ۾ ’هندن جي صاحبيءَ جي تاريخ‘ جي عنوان سان ڏنل مضمون لاشڪ هندن جي شاندار ماضيءَ، جدا جدا دؤرن ۾ انهن جي ترقي ۽ پستي ۽ انهن جي خوبين ۽ خامين بابت هڪ عالماڻو، پر ساڳئي وقت دلچسپيءَ ڀريو وڏو مضمون آهي، جو هر دؤر ۾ سنڌين جي نئين ٽهيءَ کي پنهنجي اباڻي ورثي جي شناس ڏيندو رهندو. هن مضمون ۾ رگ ويد واري زماني، آرين، سپت سنڌو، سنڌ جي آڳاٽن راجائن جي ساکن جو ذڪر ڪندي، هندن جو سنڌ ۾ اچڻ، عاملن

۽ پائيبندن جي بيان، حيدرآباد ۽ شڪارپور شهر جي وسڻ ۽ ٻين ڪيترن ئي وستين بابت وچور وارو احوال انن بابن ۾ ڏنو ويو آهي. نائين باب ۾ سنڌي آکهين جو اتهاس شروع ٿئي ٿو. هن ڪتاب جو پهريون ڀاڱو جون ۱۹۴۶ع ۾ ڪراچي مان ڇپجي پڌرو ٿيو.

”ڪاڪو ڀيرو مل بنيادي طور تي لسانيات جو ماهر هو. سنڌي ٻوليءَ سان ڪيس ننڍي هوندي کان ئي چاهه هو. جدا جدا ٻولين جون هڪجهڙايون، لفظن جي پيچ گهڙ، زمان ۽ مڪان جي اثرن هيٺ ٻولين ۾ ايندڙ تبديلين جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي بنيادن ۽ انهن جي ڦيرگهير بابت نيم سماجي، سياسي، اقتصادي، تهذيبي ۽ تمدني حالتن سبب ٻولين ۾ ٿيندڙ ڦيرگهير ۽ اهڙا ٻيا واسطيدار موضوع ننڍي عمر کان ئي سندس تخيل کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندا رهيا.“[۸]

ڪاڪي ڀيرو مل ننڍيءَ عمر ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي ڏکين لفظن تي ’غريب الغات‘ نالي لغت جوڙي. ۱۹۴۱ع ۾ ’سنڌي ٻولي جي تاريخ‘ نالي ڪتاب لکيائين، جيڪو ڪنهن مڪاني عالم پاران ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت پيش ڪيل پهريون تحقيقي نظريو هو، جنهن موجب سندس خيال آهي ته: ”سنڌي ٻولي سنسڪرت، پالي، شؤرسني، اپڀرنش ۽ وراچڊ اپڀرنش جي معرفت يارهين صدي عيسويءَ ڌاري هاڻوڪي صورت ورتي. انهيءَ نظريي موجب سنڌي، سنسڪرت جي شاخ آهي. ڊاڪٽر ٽرمپ ان نظريي جو محرڪ آهي.“[۹]

ديوان ڀيرو مل ان نظريي جي پٺڀرائيءَ ۾ اهي دليل ڏنا ته، سنڌي ۽ سنسڪرت جي صوتي ۽ صرفي هڪجهڙائي ثابت ڪري ٿي ته سنڌي ٻولي سنسڪرت جي شاخ آهي. سندس ان خيال ۽ نظريي جي پٺڀرائي مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي به ڪئي آهي، پر ڊاڪٽر الانا جو خيال آهي ته ”جيڪڏهن گهڻي توجهه ۽ ڌيان سان ڪوجنا ڪجي ٿي ته معلوم ٿئي ٿو ته فقط لفظن جي ذخيري جي گهٽائي يا ٻيون هڪجهڙايون ايئن ثابت نه ٿيون ڪن ته سنڌي سنسڪرت مان ڦٽي نڪتي آهي.“[۱۰]

پر اڳتي هلي ڪاڪي ڀيرو مل جي ان نظريي کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سراج الحق ميمڻ ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا وڌيڪ کوجنا ڪري پنهنجا نظريا ڏيئي رد ڪد ڏنو، پر افسوس جو ٽيڪنالاجيءَ جي هن جديد دؤر ۾ به اجا تائين سنڌيءَ جي بڻ بنياد بابت صحيح ڄاڻ حاصل ٿي نه سگهي آهي.





ڀيرو مل، سنڌي ٻوليءَ جي گرامر جو به گهرائيءَ سان مطالعو ڪيو. مختلف عالمن جي جوڙيل گرامر کي آڏو رکندي، سنڌي ٻوليءَ لاءِ ’وڏو ويا ڪرڻ‘ تيار ڪيو، جيڪو ۱۹۳۵ع ۾ ڇپيو هو.

لسانيات کان سواءِ ڪاڪي ڀيرو مل مضمون نگاريءَ جي ميدان ۾ پڻ پنهنجو وارو ڄمايو. هو پنهنجي مضمونن ۾ رواجي يا عام طرح جون ڳالهيون شامل نه ڪندو هو. سندس مضمونن جي فڪر ۾ گهرائي ۽ وسعت آهي. سندس مضمونن جا به مجموعا ’گلزار نثر‘ (۱۹۲۹ع) ۽ ’بهار نثر‘ (۱۹۳۲ع) ۾ ڇپيا هئا. ٻنهي مجموعن ۾ اٽڪل چاليهه چاليهه مضمون شامل آهن، جن ۾ مختلف موضوعن تي دلچسپ مضمون شامل آهن.

ڀيرو مل پنهنجي ڪتاب ’لطيفي سئر‘ جي ’سچو سيلاني‘ مضمون ۾ جيڪي ڪجهه شاهه عبداللطيف ڀٽائي لاءِ لکيو آهي، اهو جيڪڏهن سندس نالي منسوب ڪجي ته وڌاءُ نه ٿيندو. هو لکي ٿو ته: ”سئر ۾ تعليم آهي، پر جو اکيون کولي نه هليو تنهن جهڙو سئر ڪيو تهڙو نه ڪيو. سچو سيلاني سدائين اکيون کولي هلي ٿو ۽ هي ساري قدرت، جا هڪ ڪليل ڪتاب جي مثل آهي، تنهنجو هر هڪ جزو چڱي ريت جاچي؛ خسيس خسيس ڳالهين مان به وڏا وڏا سبق سکي ٿو. اهڙو سچو سيلاني شاهه لطيف هو. عام خلق رواجي ڪتاب پڙهي ٿي، پر هن اڪثر قدرت جو ڪتاب پڙهيو هو ۽ قدرت جو نظارو هنجو مڪتب هو. شاهه صاحب جو انيؤ اڳيئي ڪليل هو باقي قدرت جي مڪتب ۾ پڙهي ڪماليت حاصل ڪرڻي هيس.“[۱۱]

ڀيرو مل مٿئين معيار موجب پاڻ به سچو سيلاني هو. سئر سفر جو شروع کان ئي ڪوڏيو هو. قدرت هن لاءِ هڪ مڪتب هو ۽ هُو سڄي ڄمار قدرت جي مڪتب ۾ پڙهندو رهيو.

’لطيفي سئر‘ کان سواءِ پاڻ ’سنڌ جو سيلاني‘ نالي ڪتاب لکيائين، جيڪو ٻن ڀاڱن ۾ هو. پهريون ڀاڱو ته ڇپجي سگهيو، پر ٻيو ڀاڱو ڇپجي نه سگهيو. پهرين ڀاڱي جي مهاڳ ۾ ڄيٺمل پرسرام لکي ٿو: ”’سنڌ جو سيلاني‘ سنڌ جي مڪانن جو سئر ڪرائي ٿو، سنڌ جي تواريخ جا عجيب غريب نشان ٻڌائي ٿو، سنڌ جي قديم بزرگن سان ملاقات ڪرائي ٿو ۽ سنڌ جي ڪُهنين ڪهاڻين جي وندر جي لذت وٺائي ٿو. خاص طرح شاگردن لاءِ هي ڪتاب ڪارائتو ٿيندو، ڇو ته رواجي تاريخ جا سڪا، داستان ۽ جاگرافي جا ٿڪائيندڙ بيان اڪثر پڙهڻ جو شوق گهٽائيندڙ آهن، پر هن

ڪتاب ۾ تواريخ ۽ جاگرافي ٻئي ڪهاڻيءَ جي نموني ۾ ملي وندر ۽ هدايت ٿيون بخشين."(١٢)

ڪاڪو ڀيرو مل پنهنجي دؤر جو هڪ بهترين مترجم پڻ هو. هن علم ۽ ادب جي مختلف صنفن تي تہ ڪيترائي طبع زاد ڪتاب لکيا، جنهن ۾ نثر توڙي نظم ٻئي شامل آهن، پر هن گڏوگڏ ٻين ٻولين جي بهترين ادب کي پڻ ترجمو ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ آندو. ان جو هڪ سبب اهو بہ هو تہ پاڻ سنڌيءَ کان سواءِ انگريزي، هندي، بنگالي، گجراتي ۽ سنسڪرت ٻوليون پڻ ڄاڻندو هو ۽ انهن ٻولين ۾ ڇپجندڙ ادب جو گهرو اڀياس ڪندو رهندو هو. ترجمن ڪرڻ جو سندس ٻيو مقصد اهو بہ هو تہ درسي ڪتابن جي کوٽ کي پورو ڪري سگهجي. سندس ترجمو ڪيل ڪتابن ۾ 'گولن جا گوندر' ڪتاب خاص طور تي ذڪر جوڳو آهي، جيڪو هئرئيٽ ايلزبيٿ جي لکيل انگريزي ڪتاب 'انڪل ٽامز ڪيبن' (Uncle Tom's Cabin) جو ترجمو آهي. اهو ترجمو پهريون ڀيرو مارچ ١٩٢٨ع ۾ ڇپيو ۽ ان کان پوءِ ان جا هند ۽ سنڌ ۾ ڪيترائي ڇاپا ڇپيا آهن.

رابندر ناٿ ٽئگور جي ڊرامي 'پوسٽ آفيس' جو هن 'آزاديءَ جي ڪوڏي' جي نالي سان ترجمو ڪيو. ڀيرو مل هن ڊرامي جو هوبهو ترجمو نہ ڪيو آهي، بلڪ مرڪزي خيال ۾ ڪجھ ڦيرگهير ڪري لکيو اٿس، ان ڪري هن ان لاءِ ترجمي بدران 'ورتل' جو اصطلاح استعمال ڪيو اٿس. سندس هڪ ٻيو لاجواب ترجمو والٽر اسڪاٽ جو ڪتاب Talseman آهي، جنهن جو 'طلسم' جي نالي سان ترجمو ڪيو اٿس. هي بہ ناٽڪ آهي. ڪتاب جي منڍ ۾ سر والٽر بابت مضمون بہ ڏنو اٿس. هي ڪتاب پهريون ڀيرو ١٩٢٧ع ۾ ڇپيو هو ۽ ان کان پوءِ ان جا ڪيترائي ڇاپا آيا آهن. ان کان سواءِ ڪاڪي ڀيرو مل ڪيترائي ننڍا ڪتاب، مضمون ۽ آکاڻيون وغيره بہ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري پيش ڪيا آهن.

اهڙيءَ ريت جيڪڏهن ڏنو وڃي تہ مرزا قليچ بيگ کان پوءِ ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي ئي اهو عالم ۽ اديب آهي، جنهن سنڌي علم ۽ ادب جي واڌاري ۾ گهڻ رخي ميدانن ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، پر افسوس جو سندس ڪم کي يڪجا ڪري، اڻ ڇپيل مواد کي شايع ڪرائڻ ۽ سندس علمي ڪمن تي ڪنهن بہ قسم جي کوجنا نہ ڪئي وئي آهي.





ضرورت ان ڳالھ جي آهي تہ سرڪاري ۽ خانگي ادبي ادارا ان ڏس ۾ عملي قدم کڻي، سنڌي ادب جي ان سرمائي کي ڇاپي هيٺ آڻي محفوظ ڪن.

## حوالا

١. ٺڪر، هيرو، (١٩٩٠ع)، 'ڀيرو مل مهرچند'، ساهتيہ اڪيڊمي، دهلي، ص: ١.

٢. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، (١٩٧٧ع)، 'سنڌي نثر جي تاريخ'، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ص: ١٨٦.

٣. آڏاڻي، ڀيرومل، مهرچند، (١٩٤٦ع)، 'سنڌي هندن جي تاريخ'، ڀاڱو پهريون، قيصريہ پريس، حيدرآباد، ص: ٤٦.

٤. ساڳيو، ص: ٤٨.

٥. ٺڪر، هيرو، (١٩٩٠ع)، 'ڀيرو مل مهرچند'، ساهتيہ اڪيڊمي، دهلي، ص: ٦.

٦. آڏواڻي، ڀيرومل، مهرچند، (١٩٤١ع)، 'نوبهار'، پوڪرداس، شڪارپور، ص: ٤.

٧. اڏواني، ڀيرومل، مهرچند، (١٩٩٢ع)، 'قديم سنڌ'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص: ف.

٨. ٺڪر، هيرو، (١٩٩٠ع)، 'ڀيرو مل مهرچند'، ساهتيہ اڪيڊمي، دهلي، ص: ٣٥.

9. Trump E., (1872), 'The Grammer of Sindhi Language', F. A. Brothan, Lepzig, Introduction, p. 10.

١٠. الانا، غلام علي خواجا، ڊاڪٽر، (١٩٦٧ع)، 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد'، مقالو ٽماهي مهراڻ، نمبر ٢، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.

١١. آڏواڻي، مهرچند، ڀيرو مل، پروفيسر، (١٩٨٩ع)، 'لطيفي سٽر'، شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاھ، حيدرآباد، ص: ٩.

١٢. ٺڪر، هيرو، 'ڀيرو مل مهرچند'، (١٩٩٠ع)، ساهتيہ اڪيڊمي، دهلي، ص: ٥٨.